# چالاڪ گدڙ

هِڪ گِدڙُ ڪاڏي جي ڳولها ۾ سڄي رات رُليو پَرَ هُنَ کي ڪُجهه بہ هَٿُ نہ لڳو. صبوح جو جيئن نااُميد ٿي پنهنجي گهر ڏانهن ٿي موٽيو تيئن هن کي وڻ تي هِڪُ ڪانءُ ڏسڻ ۾ آيو جنهن جي وات ۾ لولي جو ٽُڪر هو.

گِدَڙَ دِل ۾ خيال ڪيو تہ چالاڪي ڪري مُورک ڪانءُ کان هيءُ لولي جو ٽُڪر ڦُري وٺان تنهن ڪري هِنِ ڪانءُ کي پڏائي چيو، ”تُون تہ ڏاڍو سُهڻو آهين، تُنهنجا پَرَ ڪهڙا نہ چلڪيدار آهن، تُون ضرور سُنو راڳ ڳائيندو هوندين. مهرباني ڪري مُونکي پنهنجي راڳ جو مزو نہ وٺائين.!“

مُورک ڪانءُ ڦوندٻ ۾ پرجي جهڙو وات کولي ”ڪان ڪان“ ڪرڻ لڳو، تهڙو وات وارو لولي وارو ٽُڪر اچي پَٽَ تي ڪريو.

گدڙ لولي جو ٽُڪر کڻي کائيندو خوش ٿيندو هليو ويو.

<u>نصيحت</u> : ڪوڙي ساراه تي پڏجڻ نہ گُهرجي.


12B/2 Jethi K. Sipahimalani Soc., Mahim, Mumbai 400016, India 0091 22 24464941/ 9821473200
www.sindhisangat.com, www.sindhisaathi.org, www.sindhisangat.tv, info@sindhisangat.com